سعيد سميجو

# سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ جماليات

## The Tradition Of Aesthetics In Sindhi Basic Poetry

**Abstract**

The tradition of aesthetics in Sindhi poetry has been primarily transmitted through folk poets. This folk poetry forms the heritage of Sindh, encompassing our past, present, aesthetics, sensibilities, and thought processes — critical elements in the development of our civilization. This research paper examines the foundations of Sindhi classical poetry by exploring its primary source and inspiration: folk poetry. It argues that folk poetry serves as the basis for aesthetic poetry. A notable example of this can be found in the 'Seengaar' genre within the Sindhi folk poetry tradition. The 'Seengaar' genre introduces themes of beauty, delicacy, purity, and refinement, often associated with the beauty of the beloved. In this paper, I demonstrate that classical Sindhi poetry has evolved from these aesthetic qualities contained in folk poetry. While the authentic era of classical poetry in Sindhi begins with the Samma dynasty, its roots can be traced back to the Soomra period. This research documents how aesthetics in classical poetry have developed over these time periods. In this paper, I highlight the contributions of pioneers in classical Sindhi poetry, including Qazi Qadan, Makhdom Nooh Shah, Abdul Karim Bulriwaro, Shah Lutafullah Qadri, Meyoon Shah Inayat Rizvi, and Shah Abdul Latif Bhittai, and how they introduced significant concepts of aesthetics.

**Keywords:** Sindhi classical poetry, folk poetry, aesthetics, Samma and Soomra period, pioneers

سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت اسان کي لوڪ شاعرن وٽان ملي ٿي. لوڪ شاعري ئي اسان جو واحد اثاثو آهي، جنهن ۾ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو ماضي ۽ حال فڪري، احساساتي ۽ جمالياتي پهلوئن سميت سمايل نظر اچي ٿو. لوڪ شاعريءَ ئي بنيادي طور تي جمالياتي شاعريءَ جي پيڙهه رکي. ان جو هڪ مثال لوڪ شاعريءَ جي صنف ”سينگار“ آهي. جيڪا لوڪ ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. لوڪ شاعريءَ جي ان

صنف ۾ محبوب جي حسن، جمال، قدامت، نزاڪت، نفاست ۽ ان جي باڪماليت جي صرف تعريف ڪيل هوندي آهي.

اهو تہ ٺيو لوڪ شاعريءَ ۾ جماليات جو تصور، پر جڏهن اسين پنهنجي اَساسي شاعريءَ جي سڄي دور تي نظر وجهون ٿا تہ خبر پئي ٿي تہ ان جي سڄي روايت پڻ لوڪ شاعريءَ جي ئي جمالياتي خصوصيتن مان ڦٽي نڪتي آهي.

اَساسي شاعريءَ جو هونئن تہ صحيح معنيٰ ۾ دور سمن جي دور کي چئجي، پر سومرن جي دورن ۾ پڻ اَساسي شاعريءَ جا ڪي انگ موجود آهن. ان سڄي دور ۾ جماليات جو رنگ ڪيئن اساسي شاعريءَ ۾ موجود رهيو ان جو سڄو احوال هن مقالي ۾ موجود آهي.

هن مقالي ۾ سنڌي اَساسي شاعريءَ جي شروعات ڪندڙ قاضي قادن، مخدوم نوح، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنات رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي جمالياتي رنگ کي پيش ڪيو ويو آهي.

## جماليات ۽ شاعري:

جماليات، شاعريءَ ۾ هڪ عالمگير موضوع آهي، جيڪو فلسفي جي شاخ جي نموني طور يورپ ۾ سامهون آيو. جيتوڻڪ جماليات رڳو شاعريءَ ۾ نہ ٿي ملي. بلڪہ اها ڪائنات جي سيني رنگن ۾ موجود رهي آهي. پر جماليات جو شاعريءَ سان جيڪو جوڙ آهي، سو بيحد نرالو ۽ منفرد آهي. اهو ئي سبب آهي، جو جڳ مشهور فلسفي ارسطو فن جي جماليات ۾ 'شاعريءَ جي جماليات' کي ڪافي مٿانهون سمجهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ شاعر ان ۾ ڪا بہ نقالي نہ ٿو ڪري، بلڪہ هڪ اهڙي شئي تخليق ڪري ٿو جيڪا 'ممڪن' ٿي سگهي. ان بابت اڪبر لغاري لکي ٿو: "فن ۾ 'شاعري' کي ارسطو ڪافي مٿانهون درجو ڏي ٿو جنهن ۾ شاعر، صرف نقالي نہ ٿو ڪري پر هڪ اهڙي شيءِ بہ تخليق ڪري ٿو جيڪا "ممڪن" ٿي سگهي ٿي." (1)

جمالياتي شاعري ادب جو حسين ترين اظهار آهي. جنهن ۾ شاعري ۽ سونهن جو تعلق قريبي ۽ ويجهڙو رهيو آهي. شاعريءَ ۾ جماليات جي احساس کي شاعريءَ مان الڳ ڪري نہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ "حُسن" شاعريءَ جي هڪ صفت آهي. جمالياتي شاعري پنهنجي لفظي وجود ۾ انسان کي نہ صرف پنهنجي وجداني ڪيفيتن کان واقف ڪرائي ٿي، بلڪہ اها زندگيءَ جي حُسن ۽ حقيقت کان روشناس ڪرائي، اڻ ڏٺن رنگن سان بہ ملرائي ٿي. جمالياتي شاعري زندگيءَ کي ائين بيان نہ ٿي ڪري، جيئن اها آهي. پر ان ۾ زندگيءَ جي سيني رنگن ۽ حسناڪين کي ڪٺي اچي ٿي. جيڪا حواسن ۾ رچي، اندر معطر ڪري، روح کي راحت بخشي. ان باري ۾ لڇمڻ ڪومل پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: "جمالياتي شاعريءَ جي مفهومن جا بہ مختلف روپ ۽ رنگ آهن: هڪ سڌو ۽ واضح

مفهوم جيڪو جماليات حِس ۽ حواسن ۾ رچجي، انهن کي متاثر ۽ معطر ڪري ٿو. جيڪو شاعريءَ جي روح سان راس رچائيندڙ عمل دخل آهي.“ (2)

شاعريءَ جو جماليات سان تعلق حِس ۽ حواسن سان ئي نہ بلڪ اهو انسان جي شعور سان بہ اوترو ئي جڙيل نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ شاعري زندگيءَ جون نہ صرف نيون معنائون، نوان رُخ ۽ نوان پاسا ڏيکاري ٿي، بلڪ زندگي جي مقصد ۽ خوبصورتين جو بہ شعور عطا ڪري ٿي. جنهن ۾ تخليق ۽ تخيل جو هڪ نئون جهانَ نظر اچي ٿو. انهيءَ ڪري شاعري ۽ سونهن جو تعلق ازلي نظر اچي ٿو جنهن ۾ ڪا نہ ڪا زندگيءَ جي حُسناڪي ڇڻي وجي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: ”شاعري ۽ سونهن جو سُٻنڌ ايترو قريبي آهي، جو انهن ٻنهي کي هڪٻئي کان جدا ڪري سمجهي نہ ٿو سگهجي.“ (3)

اهو خيال صرف ڊاڪٽر فياض جو ئي نہ آهي، بلڪ فرانس جي هڪ شاعر ۽ نقاد ”روجي ڪائيوا“ جو بہ آهي. ڊاڪٽر فياض پنهنجي ان پي ايچ ڊي مقالي ۾ اڳتي ان جو حوالو ڏيندي لکي ٿو: ”فرانس جي شاعر ۽ نقاد روجي ڪائيوا جي لفظن ۾، ”حُسن، شاعريءَ جي هڪ صفت ئي نہ آهي، پر شاعري ۽ حُسن هڪ ٻئي جا هم ذات ۽ هم زاد آهن.“ (4)

شاعريءَ اندر جيئن ٻيا موضوع ۽ شيون ساهہ کڻندي نظر ايندڙيون آهن. ساڳيءَ ريت ’حُسن‘ شاعريءَ ۾ ڀرپور ساهہ کڻندي نظر ايندو آهي. تنهنڪري ئي اها شاعري جي صفت شمار ڪيو ويو. ۽ ان کي هڪ ٻئي جي هم ذات هجڻ جو بہ شرف مليو. ائين ڪونهي تہ شاعريءَ ڪا خود جمال جي زَد ۾ نہ ٿي اچي، شاعريءَ جو تخليق ٿيڻ ئي خود ۾ هڪ جمال آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن شاعر ان ۾ پنهنجي لفظن سان ان جي سينگار ۽ سنوار کي ٺاهي ٺوهي پيش ڪري ٿو. تہ ان ۾ شاعر جو جمالياتي حُسن ڇُلڪندي نظر ايندو آهي. ۽ پوءِ اها شاعري هڪڙو مڪمل حُسن جو گهراٽو محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. ان باري ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو: ”هونئن تہ شاعري جو تخليق ٿيڻ ئي هڪ جمالياتي سرگرمي آهي، پر جڏهن شاعري ۾ فني جمال ڀرجي ٿو تہ اها ڇڻ سونهن جي سورنهن سينگارن جي مصداق ٿيو پوي. ۽ شاعر پنهنجي تخيل، ترنم، فن ۽ لفظن جي حسين جوڙجڪ ۽ موسيقي سان حسن و جمال جا واهر وهائي ٿو.“ (5)

جماليات ۽ شاعري ٻئي هڪٻئي جا نہ صرف هم ذات آهن بلڪ اهي هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ جي هر سِٽ ۾ ڪٿي موضوعاتي جمال، تہ ڪٿي فني جمال، ڪٿي وجداني جمال، ڪٿي فطرت جو جمال، ڪٿي جسم جو جمال، تہ ڪٿي وري درد جو جمال پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.

## سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت:

سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت اسان کي لوڪ شاعرن وٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. لوڪ شاعري ئي اسان جو واحد اهو اثاثو آهي، جنهن ۾ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جو ماضي ۽ حال فڪري، احساساتي ۽ جمالياتي پهلوئن سميت سمايل نظر اچي ٿو. لوڪ شاعريءَ بنيادي طور تي جمالياتي شاعريءَ جي پيڙهه رکي. ان جو هڪ مثال لوڪ شاعريءَ جي صنف "سينگار" آهي. جيڪا لوڪ ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. لوڪ شاعريءَ جي ان صنف ۾ محبوب جي حسن، جمال، قدامت، نزاڪت، نفاست ۽ ان جي باڪماليت جي صرف تعريف ڪيل هوندي آهي. ان صنف ۾ محبوب جو سڄو نقش و نگار ۽ ان جي جسماني جماليات بابت گهڻو ڪجهه پڙهڻ جي لاءِ ملي ٿو. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو: "لوڪ شاعريءَ جي صنفن ۾ سينگار جي صنف وڏي اهيمت رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال، خد و خال، باڪمال ۽ بي مثال جو بيان نازڪ ۽ نفيس نموني ڪيل هوندو آهي، اهڙا سهائيندڙ ۽ سيبائيندڙ لفظ، تشبيهون ۽ استعارا ڪم آيل هوندا آهن، جو محبوب جو سارو نقشو نَهن کان چوٽي تائين عين بين اچيو اکيان بيهندو آهي." (6)

لوڪ شاعريءَ ۾ نہ صرف جسماني بلڪ ان ۾ فطرت جي جماليات کان وٺندي، جماليات جي سڀني قسمن جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر هتي اسان جو موضوع لوڪ شاعري ۾ جماليات جي ڳولا بابت نہ آهي، بلڪ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات آهي. تنهن ڪري اسان هت صرف لوڪ شاعريءَ ۾ جماليات جو تعارفي حصو ڏنو آهي. جڏهن اسين ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ان جو مطلب آهي، تہ اسين هڪ روايت جي ڳالهہ ڪريون ٿا.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ميين شاهہ عنات تائين ايندي ايندي، جيڪي بہ فڪري ۽ فني منزلون طئي ڪيون، تنهن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحہ هالائي، شاهہ ڪريم ۽ شاهہ لطف الله قادري کي هڪ خاص حيثيت حاصل آهي. انهن سڀني بزرگن جي تخليقي ڪوشش رنگ لاتو ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪ الڳ معيار پڻ سامهون آيو. ميين شاهہ عنات رضويءَ کان اڳ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سرواٽن ۾ قاضي قادن، مخدوم نوح رحہ هالائي، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاهہ لطف الله قادريءَ جهڙا معتبر ڪلاسيڪل شاعر نظر اچن ٿا. جن وٽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جماليات جي روايت خاص طور تي ملي ٿي. انهن بزرگن جي ڪلام جي اثر ڪري ئي ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ بہ جماليات جو اهو ڀرپور ڇُس نظر اچي ٿو جيڪو ميين عنات کان اڳ جي شاعرن ڇڏيو هيو.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي بيتن ۾ جيڪي موضوع آندا، ۽ انهن کي صوفياڻي رنگت ڏيئي انهن جي حسن ۽ جمال کي نکاري پيش ڪيو. ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو: "ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾، زندگيءَ جي اعليٰ آدرشي قدرن جي اُپٽار، صوفياڻي رمزيت ۽ تمثيلي ندرت جي جمال سان گڏوگڏ آفاقي ۽ وجداني احساسن جي اظهار جو اهڙو رنگ ملي ٿو جيڪو فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ آهي ۽ ان مان هڪ ئي وقت فطرتي، فڪري، فني، جسماني، افادي، وحداني ۽ وجداني سونهن جهلڪندي محسوس ٿئي ٿي."(7)

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جن شاعرن ميين عنات کان اڳ پيڙهه رکي، فني توڙي فڪري ميدان ۾ تمام گهڻي وُسعت پيدا ڪري، ميين عنات لاءِ هڪ آسان راهه هموار ڪئي. ۽ ان سڄي روايت ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ جيڪا جماليات آهي، يا جيڪا نظر اچي ٿي، ان جو ڪٿي نه ڪٿي ميين شاهه عنات تي به گهرو اثر پيو آهي. ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ اسين ميين شاهه عنات رضويءَ کان اڳ وارن چند ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ۾ جماليات جو اڀياس ڪري نتيجا اخذ ڪنداسين. ان ڏس ۾ سنڌي ڪلاسيڪل جو پهريون سرواڻ شاعر قاضي قادن آهي.

## قاضي قادن (1465 — 1551ع)

قاضي قادن سمن جي دؤر جو اهم جو شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي قادن جي والد جو نالو ابو سعيد هو. قاضي قادن جا وڏا بکر کان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ اچي آباد ٿيا. قاضي قادن قرآن، حديث ۽ فقهه ۾ مجيل عالم هو جنهن ئي ڪري ڄام نظام الدين جي زماني ۾ ڪيس قاضي مقرر ڪيو ويو هو. سڀ کان اول قاضي قادن جا ست بيت "بيان العارفين" شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مفلوظات ۾ آيا. جيڪي شاهه ڪريم پنهنجي گفتگوءَ دوران ڇيا هئا، ۽ پوءِ اهي بعد ۾ "بيان العارفين" جي زينت بڻيا.

قاضي قادن جي بيتن جو وڏو ذخيرو هيري ٺڪر (انڊيا جي ليکڪ) کي انڊيا جي شهر هرياڻا مان هٿ آيو. جنهن کي هن سنواري "قاضي قادن جو ڪلام" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. قاضي قادن کي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سرواڻ طور مڃيو ويو آهي. بلڪ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ابو پڻ ڪوٺيو ويو آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو: "قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون وڏو شاعر آهي. هو اَساسي سنڌي شاعري جو ابو هو."(8)

قاضي قادن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو سرواڻ هو جنهن پنهنجي بيتن ۾ توحيد، وحدت، اعليٰ اخلاق، نصيحتن ۽ تصوف جو درس ڏنو آهي ۽ ڪيترن ئي نون

موضوعن کي پنهنجي بيتن ذريعي عام ڪيو. قاضي قادن جي شاعري تصوف جي اپٽار سان ڀريل آهي. مگر نہ صرف ايترو قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت نگاري ۽ جماليات وغيره جهڙا عنصر پڻ ملن ٿا.

قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ هر قسم جي جماليات موجود آهي، جنهن ۾ فطرت جي جماليات، فني جماليات، درد جي جماليات، وجداني جماليات ۽ جسماني جماليات وغيره شامل آهن. اهڙيءَ ريت قاضي قادن وجداني جماليات کي پنهنجي بيت ذريعي ڪيڏو نہ حسين نموني سان اظهاريو آهي:

جان پاڻان جو پڌِرو، ٻُڌو آءُ سَڏُ،
مون هينڙو تان ئي ڪِيو، سُپِريان سؤن گڏ. (9)

پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجو آواز ٻڌڻ، اندر جي ڳالهہ يا اندر جو سَڏُ ٻڌي پنهنجي حقيقي محبوب سان جوڙي ڇڏڻ جي ڳالهہ اسان جي داخلي ڪيفيت آهي. جيڪا وجدان جي روپ ۾ ظاهر ٿيو پوي. اهڙيءَ طرح قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جي جماليات بہ ملي ٿي:

سَرَ هيڪڙي وَسَنِ، جَرَ ۾ نِيِنهُن نہ گڏِيو،
سارَ نہ سالُورَنِ، مَٿي ڪَنوَلُ ڦَلاريو.(10)

ڪيڏو نہ حسين نموني هڪ تلاءَ جو منظر چٽيو ويو آهي، اها ڪهڙي نہ عجيب حالت بيان ڪئي ويئي آهي، تہ ڪنولَ جو گل مٿي تَرَيو آهي ۽ بہ ڏيڏر ساڳي ئي تلاءَ ۾ رهي ٿو پر، ان کي اِها سُڌ ئي نہ آهي تہ، ڪنوَل ڇا ٿيندو آهي؟ يا ان جي سونهن ڇا آهي؟ پاڻ ۾ انهن جو پيار نہ ٿي سگهيو ڪڏهين. قاضي قادن هڪ ٻئي بيت ۾ فطرت جي جماليات جي ساڳي ئي منظر بابت چوي ٿو:

جي سالُورو سُڌِ لهي، ڪنوَلان سَندِي ڪاءِ،
تو پيو پاتالَ ۾، هوُندَ نَہ مِٿي ڪاءِ.(11)

اهو ڪيئن ممڪن آهي، تہ ڪنول جا گل تلاءَ ۾ ڦولاريل آهن، ۽ ڏيڏر هيٺ پاتال ۾ ويهي مٿي ڪائي رهيا آهن. ڪين اها ڄاڻ ئي نہ آهي تہ ڪنول ڇا آهي. قاضي قادن نہ صرف فطرتي جماليات کي حسين نموني هنن بيتن ۾ چٽيو آهي، بلڪ فطرت جي جمال جو بہ ذڪر سهڻي نموني چٽيو آهي. اهڙيءَ ريت قاضي قادن وٽ نہ صرف فطرت جي جماليات ۽ وجداني جماليات جو ذڪر ملي ٿو بلڪه ان وٽ دردَ جو جمال بہ موجود آهي:

لَڳي وَڃان پيرِ، دانهان ڪَندي ڏونگرِ،
سو ئي سَجَڻُ ميڙِ، جِنهِين هَئُون ڏُکِي. (12)

قاضي قادن جو هيءُ بيت جڻ سسئيءَ جي لاءِ ئي چيل آهي. جنهن ۾ هن جبلن تي پيرين اگهاڙي پنڌ ڪيو ۽ پنهل جي فراق ۾ دانهون ڪندي پئي ويئي ته ساڄن ڪا ملاقات ڪري سگهي، جنهن جي ڏک ۾ هو ڏکويل ۽ اندرا ٽُٽل آهي. قاضي قادن سسئيءَ جي درد جي جماليات پنهنجي بيت ۾ حسين انداز ۾ ڪئي آهي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته قاضي قادن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو ابو آهي. جنهن سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پيڙهه رکي، پوئنرن کي بنيادي سانچو مهيا ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي، ته قاضي قادن جي شاعريءَ جو اثر پنهنجي همعصرن ۽ سندس بعد وارن شاعرن تي نه پيو هجي.

## مخدوم نوح (1505 — 1590ع)

مخدوم نوح، هالا ڪنڊيءَ جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. مخدوم نوح جو اصل نالو لطف الله هو. ۽ سندس والد جو نالو نعمت الله هو. پاڻ حضرت ابو بڪر جي اولاد مان هئا. سندن وڏا به شاعريءَ جي رنگ ۾ رڱيل هئا. هي بزرگ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو استاد ۽ رهنما هو. هي بزرگ قرآن ۽ حديث جو وڏو ڄاڻو هو. ۽ هن پهريون دفعو قرآن شريف جو ترجمو فارسي ۾ ڪيو. مخدوم نوح پڻ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي روايت کي قائم رکندي لکيو. پر افسوس جو سندس ڪلام منجهان چند ئي بيت ملي سگهيا آهن. جيتوڻيڪ ان تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. تنهن هوندي به سندس جيڪي بيت مليا آهن انهن ۾ فطرت جي جماليات ۽ درد جي جماليات نظر اچي ٿي.

ماڪ نه پانيو ماڙها، پيئي جا پريات،
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.[13]

هن شعر ۾ هڪ ئي وقت فطرت جو جمال به نظر اچي ٿو ته درد جو جمال به ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. پريات جيڪا پيئي آهي، سا هرگز ماڪَ ناهي، اُها ته اوهان جي ڏکن کي ڏسي روئي رهي آهي. رات جي پريات کي روئڻ سان ڪيڏو نه سهڻي نموني چٽيو ويو آهي. ڪو شڪ نه آهي ته مخدوم نوح پڻ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو معمار هيو.

## شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (1537 — 1622ع)

سنڌي اَساسي شاعريءَ ۾ قاضي قادن کان پوءِ جنهن شاعر جو وڌيڪ ڪلام ملي سگهيو اهو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (جيڪو شاهه عبداللطيف جو تڙ ڏاڏو) آهي. شاهه عبدالڪريم جا وڏا هرات جا رهاڪو هئا. سندس والد جو نالو لعل محمد هو. شاهه عبدالڪريم کي سنڌيءَ جو "وِهائو تارو" به ڪوٺيو ويو آهي. شاهه عبدالڪريم جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، عمر مارئي، ۽ سسئي پنهون

جو ذڪر ملي ٿو. هن بزرگ شاعر جا ڪُل 92 بيت ملي سگهيا آهن. جيڪي وحدت الوجود ۾ تصوف جي نظريي سان ٽمٽار آهن. شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ وجداني جماليات، فطرت جي جماليات، درد جي جماليات، فني جماليات ۾ محبوب جي سِڪ جي جماليات به پڻ شامل آهن. شاهه عبدالڪريم وحدت الوجود جو شاعر سڏيو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو شاهه ڪريم وجداني جماليات جو شاعر به آهي. هو هڪ بيت ۾ هيئن لکي ٿو:

پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءَ لهه،
ٿُهان ڏارَ نه سُپرين، مهه منَجهيين پاءِ.[14]

هن شعر ۾ نه صرف وجداني جماليات پر سڪ جي جماليات به موجود آهي، شاهه ڪريم چوي ٿو ته اوهان تيسين حاصل ڪري نه ٿا سگهو پرينءَ کي، جيسين اوهين پنهنجو پاڻ وڃائي نه ويهو. يعني طلبگار کي گهرجي ته هو پنهنجو اندر وڃائي، ۽ ان پرينءَ کي حاصل ڪري، جنهن جي ڪيس ايڏي سڪ آهي. اهڙيءَ طرح شاهه ڪريم وٽ سنڌ جي ماروئڙن جو درد نظر اچي ٿو:

پاٽيءَ اُتي جهوپڙا، مورڪَ اُڃَ مرن،
دانهون ڪن مُنَنِ جئن، دَمُ نه سجاٽن.[15]

درد جي جماليات ۾ جيڪا حُسناڪي مٿيين شعر ۾ نظر اچي ٿي، سا واقعي ئي ڪمال جي چٽيل آهي. جهڳا پاٽيءَ مٿي هوندي به ماروئڙا اُڃارا مري رهيا آهن. ساڳيو ئي حال موجوده صورتحال جو به آهي. دانهن جو دَرمان به نه ٿيو. اهڙيءَ ريت قاضي قادن تصوف جي رمز فطرت جي جماليات ۾ ويڙهي پيش ڪئي آهي:

هنج ٿتهين هوءِ، اُوني ۾ اوڙاهه جو،
اِئُ ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇَرِ ۾ ڇيرون ڪري.[16]

پکين جا به مختلف قسم ۽ خوبيون هونديون آهن. شاهه ڪريم انهن خوبيون کان بخوبي ئي واقف آهي. هو ڪانيري جي قوت جو به ڄاڻو آهي ته، هو هنج جي شڪاري هجڻ جو به دعويدار آهي. هنج جيڪو گهري پاٽيءَ منجهه غوتو هڻي اونهائي مان ڪيڏي وٺي ٿو سو ڪانيرو نه ٿو ڪري سگهي. شاهه عبدالڪريم ان تخيل کي تصوف سان ڳنڍيي ڀڏائي ٿو ته جي هنج هوندي ته الله وارو ۽ جي ڪانيرو آهين ته تون دنيا جو طالب ٿيندين. اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو فطرت جي جماليات بابت بيت ڏسو:

پاٽياري سِرِ ڀَڙُو جر تي پکي جئن،
اسان سجَڻُ تِئن، رهيو آهي روح ۾.[17]

هن بيت ۾ شاهہ ڪريم پاڻياري (پاڻي پريندڙ عورت) جي مٽي تي رکيل ٻن دِلن (سِر ٻهڙو) ۽ پاڻيءَ ۾ موجود پڪيءَ جي تشبيهہ ڏيندي ٻڌايو آهي تہ اسان کي بہ سچڻ ائين روح ۾ سمايل رهيو آهي ۽ اسان وچ ۾ ڪابہ وٿي نہ آهي. ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تسلسل ۾ شاهہ ڪريم کان پوءِ جي شاعر شاهہ لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ ۾ تصوف، وجدان ۽ وحدت الوجود جي اُپٽار جو نظريو ملي ٿو.

## شاهہ لطف الله قادري (1611 — 1679ع)

شاهہ عبدالڪريم کان پوءِ ساڳئي دور جو ٻيو شاعر "شاهہ لطف الله قادري" آهي. هي پنهنجي دور جو وڏو شاعر ۽ عالم هو. جنهن تصوف تي فارسي ٻوليءَ ۾ ڪتاب "تحفتہ السالڪين" ۽ "منهاج المعروف" لکيا. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ توحيد، تصوف ۽ سلوڪ جي پرچار ڪئي ويئي آهي. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ سنڌي بيت بہ ملن ٿا ۽ سنڌي بيتن جو الڳ سان رسالو بہ ملي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهہ لطف الله قادريءَ جا 256 بيت هٿ ڪري، سندس رسالو ترتيب ڏنو آهي. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام عوامي نہ آهي. ان باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام ۾ مسئلي جي اُپٽار نهايت دقيق انداز سان ملي ٿي. هن جي سمجهاڻي ايتري عام فهم نہ آهي." [18]

شاهہ لطف الله قادريءَ جو شعر ڳوڙهو ۽ فلسفي سان ڀرپور آهي. سندس ڪلام عوامي نہ هجڻ ڪري بہ اونهو محسوس ٿئي ٿو. تنهن هوندي بہ سندس ڪلام ۾ وجداني جماليات، فني جماليات، جسماني جماليات، فڪري جماليات، سڪ جي جماليات ۽ فطري جماليات جي جهلڪ موجود آهي. جيئن فڪري جماليات بابت هي شعر ڏسو:

پاڻهين آهي پاتشاهہ، سَڀُ پاڻهين پاڻ،
پرين پاڻهين پاڻَ سين، پاڻهين پاڻ رِهاڻ،
پاڻهين وِرُونهي وِندُري، پاڻهين پاڻ ساڻ،
سورهہ سا رِهَاڻ، ڳالهہ مِڙوئي هيڪڙي. [19]

تصوف جي اهڙي فڪري جي جماليات جي اها روايت رڳو شاهہ لطيف الله قادريءَ وٽ نہ هئي، بلڪ اها ان جي اڳ وارن شاعرن قاضي قادن ۽ شاهہ عبدالڪريم جهڙن اعليٰ پايي جي شاعرن وٽان اُسري ۽ پوءِ نکرندي آئي. اهڙو ڳوڙهو فڪر جنهن ۾ هر شئي پاڻ آهي. اهو فڪر وحدت الوجود جو فڪر آهي. اها شاهہ لطف الله قادريءَ جي فڪري جماليات آهي. جنهن ۾ هُن وحدالوجود جي حُسناڪي بيان ڪئي آهي. نہ صرف ايترو پر شاهہ لطف الله وٽ انساني جمال ۽ جسماني جماليات جو پڻ ذڪر ملي ٿو:

سائي صورت سيرت سَڄڻين، سوئي حُسن ڪمالَ،
سائي ذات ظَرافَتَ پري جي، سو ئي سو جَمال.[20]

اهو انساني جمال آهي، جنهن ۾ سڄڻ جا سڀئي اوصاف بيان ڪيا ويا. ڪلاسيڪل شاعريءَ جي خاص روايت منجهان اها به هڪڙي روايت ٿي چئجي، جنهن ۾ محبوب جي جمال، ان جي حُسن ۽ ان جي صورت جي ڀيٽ ڪري ان جي جمال کي ڪمال درجو ڏجي.

## ميون شاهه عنات رضوي (1620/25 — 1733)

شاهه لطف الله قادريءَ کان پوءِ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي تسلسل کي برقرار رکڻ وارو ٻيو وڏو شاعر 'ميون شاهه عنات رضوي' آهي. هي پهريون اهو شاعر هو جنهن جو مڪمل رسالو مليو ۽ جنهن وٽان وائيءَ جي صنف به ملي. سندس اڳ وارن شاعرن وٽ سلسيلوار سُرن جي ڪا به ترتيب موجود نه آهي. سندس وڏا بکر مان هئا. سندس والد جو نالو سيد نصير الدين هو. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ نه صرف تصوف بلڪ ٻيا به ڪيئي موضوع پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جن ۾ جماليات سان گڏ فطرت جهڙن عنصرن جو به جُز موجود آهي. شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي فطرت جا انيڪ نظارا پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. جيئن:

بادلَ! وَسئو وَسُ، تو وُٺي وَسَ ٿئي،
اُجئا جي 'عِناتُ' چئي، راتِ تني کي رَسُ،
وَڄ نه سِڪي گاهه کي، رَڃَ نه لڳي ڪَسُ.[21]

هر شاعر وٽ فطرت جا سڀ رنگ موجود هوندا، هو چاهي ته ڪنهن به هڪ رنگ تي شاعريءَ جو ميدان سجائي سگهي ٿو يا پوءِ ڪنهن هڪ صنف تي ٻيو لکندو رهي. ان جي باوجود سڀني شاعرن وٽ فطرت جي رنگن منجهان بارش رارو رنگ ضرور نظر ايندو آهي. جيڪو مٿي ميين شاهه عنات رضويءَ وٽ به موجود آهي. مٿين بيت ۾ ميين شاهه عنات ڪيڏي نه حسين نموني سان بادِلن جي وسڻ جي ڳالهه ڪري ٿو جن جي وسڻ سان نه صرف انسان بلڪ جانورن لاءِ به خوب چارو مهيا ٿيو پوي. اهو فطرت کي هڪڙو عرض محسوس ڪجي ٿو. جنهن ۾ شاعر بادِلن سان ڳالهيون ڪن ٿا. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ فطرت جي نظارن ۽ مظهرن جي اهڙي عڪاسي ملي ٿي. جو لڳي ٿو ته ڪنهن مصور پنهنجي سڄي مهارت سان اها شئي ترتيب ڏني هجي. اهڙيءَ طرح فطرت جي هڪ ٻئي عنصر کي ميون شاهه عنات هيئن بيان ڪري ٿو:

چنڊ تنهنجي ٻات، مون کي آهن مَن ۾،
الله لڳ عنات چئي، تون اچُو منجهه رات،
تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار مون. (22)

عام طور تي ڪلاسيڪل شاعرن وٽ چنڊ تشبيهه طور استعمال ٿيندو رهيو آهي. جنهن جي پنهنجي حيثيت آهي. چنڊ فطرت جي حسن منجهان هڪڙو خاص عنصر آهي. جنهن جي حسن، سونهن ۽ ان جي سندرتا کي ورلي ئي ڪنهن شاعر پنهنجي محبوب سان نه ڀيٽيو هوندو. ميين شاهه عنات وٽ به ان چنڊ جي سونهن، ان جي روشنائي جي خاص اهميت آهي. جنهن کي هو پنهنجي محبوب جي ديدار جو ذريعو سمجهي ٿو.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1689 — 1752)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جو آفاقي شاعر ٿي اُڀريو 1689ع ۾ ڄائو ۽ سن 1752ع ۾ وفات ڪئي. شاهه عبداللطيف، شاهه عبدالڪريم جو ٽڙ پوٽو ۽ شاهه حبيب جو فرزند هو. ڪيس شاعري شاهه عبدالڪريم کان جهڙوڪر ورثي ۾ ملي هئي. شاهه عبداللطيف واحد اهو ڪلاسيڪل شاعر آهي جنهن پنهنجي همعصرن کان علاوه ڪائنس اڳ وارن شاعرن ۽ بعد وارن ۾ وڏيڪ پذيرائي ماڻي. سندس شعر ۾ فڪر جي گهرائي ۽ وسعت موجود آهي. شاهه عبداللطيف به ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي روايت کي برقرار رکندي تصوف جي رمز سان گڏ نوان موضوع پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيا. جن ۾ جماليات ۽ فطرت جي حسناڪي کان وينديماحوليات بابت به سندس شاعري ملي ٿي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ هڪڙو مڪمل رنگين جهان نظر اچي ٿو. جيئن:

اڄُ پُڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪرِيون ڪاريون،
وَسي ٿو وَڏَڦُڙو، ٺهڪَن ٽِڙيُون ٽاڙيُون،
لَٽيِن لُڪَ لَطِيفُ چئي، ڊِاڙيُون تاسارِيُون،
پِڄندي پَٽاريُون، وَري وَٽاڻين آئِيُون. (23)

شاهه وٽ ڪيئي رنگ آهن، لاک جي ڳاڙهاڻ، ساوڻ جي موسم ۽ اڇن ڪڪرن کي ٻاڦ چوڻ جو هُنر شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر وٽ ئي ملي سگهي ٿو. جڻ هن اهي سڀيئي رنگ هڪڙي ڪنواري چُنريءَ مٿان ڇِٽيا هجن. اها فطرت جي ڪماليات آهي جو ان کي شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر پنهنجي فني ڪاريگريءَ سان استعمال ڪيو آهي. جيئن هو فطرت جا سڀ رنگ هن شعر ۾ ڇپيا آهن:

اَڄُ رسيلا رنگَ، بادل ڪڍيا بُرج سِين،
سازَ سارنگيُون، سُرندڙا، ٻڄايَئين بُرچَنگَ،
صراحيون سارنگ، پلٽيُون راتِ پَدامَ تي. (24)

هي ڪيڏو نہ عظيم فطرت جو خيال آهي، جنهن کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي مهارت سان پيش ڪيو آهي. آسمان تي ڪڪر عمارتن جيان چوٽين مٿان سهڻا ۽ ڇِٽا رنگ ڇٽيا آهن. ڳڪرن ۾ اهڙي طرح گجگوڙ پئي گجي، جيئن سيئي ساز زور سان وڄي رهيا هجن. ۽ بارش سارنگ جي مُند وسي صحرا کي سيراب ڪري ڇڏيو هجي.

فطرت يا ماحول جي لاءِ جيترو ٻين شاعرن لکيو آهي اوترو ئي اسان جي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ بہ مختلف شاعرن وٽ نظر ضرور اچي ٿو. رڳو ائين ئي نہ جديد شاعرن اثر ورتو آهي. بلڪہ اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان انهن کان اڳ وارن شاعرن کان سنئو متاثر ٿيا آهن.

## حوالا:


1: لغاري، اڪبر، فلسفي جي مختصر تاريخ، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2003ع، ص: 63

2: ڪومل. لڇمڻ، مقالو: سنڌي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو ۽ پس منظر، ڪلاچي تحقيقي جرنل، جلد-15، شمارو-2، ڊسمبر 2012ع، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. ص: 104

3: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات (پي ايڇ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2018ع، ص: 62

4: ساڳيو

5: مهراڻي. شير. ڊاڪٽر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات (پي ايڇ ڊي مقالو)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع، ص: 216

6: سنديلو. عبدالڪريم. ڊاڪٽر، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس، ڪراچي 2016ع، ص: 131

7: لطيف. فياض. ڊاڪٽر، شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات (پي ايڇ ڊي مقالو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2018ع، ص: 113

8: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو، 1999ع، ص: 120

9: ٽڪر هيرو، قاضي قادن جو ڪلام، سنڌ تحقيقي بورڊ، حيدرآباد، 1996ع، ص: 125

10: ساڳيو ص: 129

11: ساڳيو

12: ساڳيو ص: 140

13: لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2010ع، ص: 35

14: سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، 83

15: سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، شاهه ڪريم جو ڪلام، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص193

16: ساڳيو ص 192

17: ساڳيو

18: جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2020ع، ص: 80

19: بلوچ، نبي، بخش، ڊاڪٽر، شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع، ص: 80

20: ساڳيو

21: شاهه سيد ضياء عباس، ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن، 2019ع، ص: 157

22: نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، ميين شاهه عنات جو ڪلام (تحقيق ۽ تصحيح)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، 2010ع، ص: 101

23: بلوچ، بخش، نبي، ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام (جلد پهريون)، اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ، ڪراچي، 2017ع، ص: 939

24: ساڳيو ص: 936